**AGA KHAN UNIVERSITY EXAMINATION BOARD**

**SECONDARY SCHOOL CERTIFICATE**

**CLASS X**

**ANNUAL EXAMINATIONS (THEORY) 2023**

**Sindhi Paper II**

**Time: 2 hours 10 minutes Marks: 45**

Annual AKU-EB Examination 2023 for Teaching and Learning only

**هدايتون**

**نوٽ: هيٺيون هدايتون ڌيان سان پڙهو:**

1. پنهنجو ۽ پنهنجي اسڪول جو نالو ڌيان سان پڙهو ۽ تصديق ڪريو ته اهي درست آهن.

| |
|---|
| **آءٌ تصديق ٿو/ ٿي ڪريان ته منهنجو ۽ منهنجي اسڪول جو نالودرست آهي.** |
| **اميد وار جي صحيح** |

**خاص هدايت**

2. هن پيپر ۾ ڪل **ڇهه** سوال آهن، سيني سوالن جا جواب ڏيو.
3. پنهنجا جواب لکڻ وقت هيٺين ڳالهين جو خيال رکو:

هر سوال ڌيان سان پڙهو.

صرف ڪاري مَس واري پين/ بال پين استعمال ڪريو. پنهنجا جواب لکڻ مهل پنسل جو استعمال نه ڪريو.

ڪنهن به قسم جون پنون، اسٽيپلر، ڪوئنٽر يا مس ڊاهڻ واري ڪا به شيءِ استعمال ۾ بلڪل نه آڻيو.

جواب واري خاني کان ٻاهر بلڪل نه لکو. ڏنل سيٽن ۾ ئي پنهنجا جواب مڪمل ڪريو.

4. هرسوال جون مارڪون ڏنگين ( ) ۾ ڏنل آهن.

**حصہ نثر:**

سوال.1 (**ڪل** 5 **مارڪون**)

(الف) ”دنيا جي هر تهذيب ۾ ڄاڻ ۽ علم کي وڏي اهميت حاصل آهي. علم انسان کي صحيح ۽ مڪمل انسان بڻائي ٿو. علم سان انسان با مقصد زندگي گذاري ٿو. هي اهو ذريعو آهي، جنهن سان انسان ۽ حيوان ۾ فرق ظاهر ٿئي ٿو.“

ڏنل پيراگراف ڪهڙي سبق مان ورتل آهي؟ هن پيراگراف مان علم ڪهڙي طرح حيوان ۽ انسان ۾ فرق ظاهر ڪري رهيو آهي؟ ڪي به ٻه نڪتا بيان ڪريو. (3 مارڪون)

AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only

(ب) ” آئين جي لحاظ کان اردو پاڪستان جي قومي ۽ سرڪاري زبان آهي، اهڙيءَ طرح سنڌي سنڌ صوبي جي صوبائي ۽ سرڪاري زبان آهي، جڏهن ته پاڪستان جون ٻيون زبانون به آهستي آهستي ترقي جون منزلون طئي ڪري رهيون آهن ۽ اهي به هڪ ڏينهن پنهنجو مقام ضرور ماڻيندين.“

ڏنل ادب پاري جي پيش نظر رکندي سنڌي زبان جي ترقي ڏيارڻ لاءِ هڪ طالب علم ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو؟ ڪي به ٻه نڪتا بيان ڪريو. (2 مارڪون)

AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only

**حصہ نظم:**

سوال.2 (**ڪل** 5 **مارڪون**)

(**الف**)

**سارنگ صبح آئيو گوڙيون ڪري گاج،**
**هاري هليا هاج ، ڪڙمين هر ڪلهي ڪيا!**

**ڏنل بيت جي سمجهاڻي ۽ شاعر جو نالو لکو.** (3 **مارڪون**)

AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only

(ب)

**مشڪل ڪر آسان، الا!**

**دم دم ۾ منهنجي مولا مدد ٿي.**

**هن بيت جو مرڪزي خيال بيان ڪريو.** (2 **مارڪون**)

AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only

**ويا ڪرڻ:**

**سوال.3** **(ڪل 4 مارڪون)**

**نوٽ: هيٺ ڏنل مواد کي ڌيان سان پڙهو ۽ ان بابت سوالن جا جواب ڏيو.**

**"حضرت امام جعفر صادق عليه السلام وڏو سخي هو. جيڪو مستحق ۽ ضرورتمند وٽس ايندو هو، ان جي مدد اهڙي نموني ڪندو هو، جو ماڻهن کي ان جي خبر ئي ڪانه پوندي هئي. سندس دستور هو ته جڏهن رات جو اونده ٿيندي هئي، تڏهن هڪ ٽوڪريءَ ۾ مانيون گوشت ۽ ٻيون کاڌي جون شيون وجهي مديني منوره جي گهٽين ۾ ويندو هو ۽ ضرورتمندن کي ورهائي ڏيندو هو."**

i. **لفظ "مدد" کي پنهنجي جملي ۾ استعمال ڪريو.** (1 **مارڪ**)

ii. **"رات ٿيندي جو هئي اونده" هن جملي کي صحيح ترتيب ڏيو.** (1 **مارڪ**)

iii. **"ضرورتمندن کي ورهائي ڏيندو هو." هن جملي مان فعل ڳوليو.** (1 **مارڪ**)

iv. **"حضرت امام جعفر صادق عليه السلام وڏو سخي هو." هن جملي مان اسم خاص ڳوليو.** (1 **مارڪ**)

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

**تبصرو:**

سوال.4 **(كل 8 ماركون)**


ٻارن ۽ نوجوانن ۾ سوشل ميڊيا جو وڌندڙ استعمال تي تبصرو ڪندي بنيادي سبب بيان ڪريو. تبصري ۾ سوشل ميڊيا جي استعمال جو ڪوبه **هڪ** فائدو ۽ **هڪ** نقصان واضح ڪريو. سوشل ميڊيا جي غلط استعمال جي روڪ ٿوڪ جي حوالي سان **ٻه** تجويزون ڏيو.

AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

## تخليقي لکت:

سوال.5 (**ڪل** 15 **مارڪون**)



**ڏنل تصويري خاڪي جي پس منظر ۾ ڪهاڻي يا مضمون تحرير ڪريو.**

**پنهنجي ڪهاڻي / مضمون ۾ هيٺ ڏنل نڪتا شامل ڪريو:**

- **ڪهاڻي يا مضمون جي ضروري عناصر جو خيال رکو ۽ پنهنجي تحرير کي عنوان ڏيو.**
- **موجوده دور ۾ ڪتابن جو مطالعي جي گهٽ ٿيڻ جا ڪي به ٻه نڪتا بيان ڪريو.**
- **ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ جا فائدا.**
- **ڪتابن جي مطالعي ۾ دلچسپي وڌڻ جي تجويز.**
- **ضرورت مطابق مزاحيه ۽ طنزيه جملا استعمال ڪيا وڃن.**
- **لکڻ لاءِ جنهن صنف جو انتخاب ڪيو ان کي (✓) جو نشان لڳايو.**

**ڪهاڻي / مضمون**

**عنوان:** ____________________________________________

____________________________________________

____________________________________________

____________________________________________

ورق اُٿلايو

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

**خط:**

سوال.6 **(کل 8 مارڪون)**

**توهان جي استاد/ استادياڻي ڪنهن ڳالهه تان توهان سان ناراض آهي. توهان جي ڪلاس جي دوست توهان کي احساس ڏياريو ته توهان جي هن غلطي جي ڪري توهان جو استاد/ استادياڻي توهان سان ناراض آهي. توهان کي ان ڪان معافي گهرڻ گهرجي. هاڻي توهان سوچي رهيا آهيو ته توهان ان جي سامهون ڳالهه نه ڪري سگهندا. انهي لاءِ توهان ان کي خط لکڻ جو ارادو ڪيو آهي.**

**ڏنل صورت حال جي مطابق توهان پنهنجي ناراض استاد / استادياڻي جي نالي هڪ خط لکو.**

**جنهن ۾ هيٺ ڏنل نڪتن کي شامل ڪيو:**

- **استاد / استادياڻي جي ناراض ٿيڻ جي حالت،**
- **پنهنجي غلطي جي تفصيل،**
- **غلطي جو احساس ڏياريندڙ هم جماعتي دوست جو ذڪر،**
- **غلطي جو اعتراف ۽ آئنده نه ڪرڻ جو يقين ڏيارڻ.**

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

پورو ٹیو

# Please use this page for rough work

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

# Please use this page for rough work

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

# Please use this page for rough work

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only